ٻالڪ ڪتاب مالها
ڏاڪو: ٻيون

# ڇا تون منهنجي امڙ آهين؟



ليکڪ: پي. ڊي. اِيسٽمين
مترجم: ظفر جوڻيجو

# چا تون منهنجي امڙ آهين ؟

ليکڪ

پي. ڊي اِيسٽمين

مترجم

ظفر جوڻيجو

فينيڪس بُڪس، حيدرآباد

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | ڇا تون منهنجي امڙ آهين؟ |
| موضوع | : | ٻاراڻو ادب |
| ليکڪ | : | پي. ڊي. ايسٽمين |
| مترجم | : | ظفر جوڻيجو |
| ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ | : | فينيڪس بوڪس ٽيم |
| سرورق ۽ خاڪا | : | پي. ڊي. ايسٽمين |
| ڇاپيندڙ | : | رينڊم هائوس، نيويارڪ [انگريزي ڇاپو 1969ع] |
| | : | ڀارت گيان وگيان سميتي، نيو دهلي. [هندي ڇاپو 2007ع] |
| | | فينيڪس بوڪس، حيدرآباد [سنڌي ڇاپو 2011ع] |
| ڳاڻيٽو | : | 1000 |
| قيمت | : | 60 روپيا |
| پاران | | ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |

All rights reserved

| | | |
|---|---|---|
| Title | : | Are You My Mother? |
| Author | : | P.D. Eastman |
| Composing & layout | : | Phoenix Books Team |
| Published by | : | Random House, New York [English Edition 1969] |
| | | Bharat Gyan Vigyan Samiti, New Delhi. [Hindi Edition 2007] |
| | | Phoenix Books, Hyderabad. (Sindhi Edition 2011) |
| Copies | : | 1000 |
| Price | : | Rs. 60 |
| Digitized by | | M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. |

# ٻه اکر

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي ٻاراڻا ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. پر پوءِ به هڪ اهڙي ڪتابي سلسلي جي اشد ضرورت هئي، جيڪو ٻارڙن جي ذهنن جي منظم ۽ باترتيب آبياري ڪري سگهي.

فينيڪس بُڪس ٽيم وٽ ڪافي عرصي کان هڪ اهڙي ڪتابي سلسلي شروع ڪرڻ جي رٿا هئي، جنهن تحت ٻارڙن جي نه رڳو تعليم ۽ تربيت ڪري سگهجي، پر کين مستقبل جي للڪارن لاءِ به تيار ڪجي.

چاڻايل ٻاراڻي ڪتابي رٿا کي هڪ مقصد هيٺ ٽن ڊاڪن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرئين ڏاڪي ۾ ٽئين کان پنجون درجو ٻئين ڏاڪي ۾ ڇهين کان اٺون درجو ۽ ٽئين ڏاڪي ۾ نائين کان ڏهون درجو شامل آهن. هن ٻئين ڏاڪي ۾ پي. ڊي اِيسٽمين جي جڳ مشهور ڪتاب "آر يو ماءِ مدر؟" جو ترجمو بعنوان "ڇا تون منهنجي امڙ آهين؟" پيش ڪري رهيا آهيون.

جڏهن هي ڪتاب پهريون ڀيرو آمريڪا ۾ شايع ٿيو هو ته ٿورڙي ئي عرصي ۾ هن جون ڪاپيون لکن جي تعداد ۾ وڪاڻيون هيون. هي ڪتاب هن وقت به ٻارن جو دلپسند ڪتاب آهي.

مٿي ذڪر ڪيل رٿا تحت ٽنهي ڏاڪن هيٺ نوَ موضوع متعارف ڪيا ويندا جيئن: فطرت، فطري لقاءَ، سنڌ شناسي، آکاڻيون، ماحوليات، صحت ۽ صفائي، رياضي، فلسفو اڳواڻ ۽ شاعري وغيره.

هن رٿا هيٺ ٻاراڻي ادب جا شاهڪار ڪتاب ترجمو ڪري ٻارن لاءِ شايع ڪيا ويندا ته جيئن هو شعوري طرح دنيا جي ٻارن سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي سگهن. ان ڪانسواءِ سنڌ جون ٻاراڻيون لوڪ ڪهاڻيون پڻ شايع ڪيون وينديون ته جيئن ٻار پنهنجي ثقافت، علم ۽ ادب کان به واقف ٿي سگهن.

روزينا جوڻيجو
فينڪس بُڪس
حيدرآباد



هڪ ڳيري آهيري تي هُئي.

اوچتو آني ۾ چُرِپُرِ ٿيڻ لڳي.




”واهہ، واهہ.“ ماءُ چيو.

مُنهنجو ٻچڙو اِجهو نڪتو پر ڄمڻ شرط ڪاٺڙ لاءِ گهرندو.




‘ٻچڙي جي ڪاڻ لاءِ ڪُجهہ تہ هُجڻ گهرجي!’ ڳيريءَ پڻ ٽڪيو

”اِجها آيس!“ ائين چئي، هوءَ پرڪو ڏئي اُڏامي وئي.



هوءَ پري اُڏري وئي.



آني اُٿلڻ پُٿلڻ شروع ڪيو.



نيٺ، آني مان ٻچڙو ٻاهري نڪتو.



هو ماءُ کي ڳولڻ لڳو.



هن آسمان ڏانهن نهاريو
پر هوءَ ڪيس نطر ڪانہ آئي.



هن زمين ڏانهن ڏٺو
پر هوءَ ڪيس ڏسڻ ۾ ڪانه آئي.




”مان کيس ڳوليندس.“ هُن چيو.




هو ماءُ کي ڳولڻ لاءِ نڪري پيو.




.... هِن ٽپو ڏنو.... ۽ هيٺ ڪِرَڻ لڳو.



آکيرو گهٽو مٽي هو کيس هيٺ پهچندي
کي گهڙيون لڳيون.



هيءُ اڏامي نہ پئي سگھيو...




...پر پنڌ تہ ڪري پئي سگھيو.

”هاڻي، مان امان کي ڳوليندس“ هِن چيو.



هن کي خبر نہ هُئي تہ ماٹس کيس لاءِ
چوڳو هٿ ڪرڻ وئي هُئي.
هو ماءُ جي پرسان لنگهي ويو.
پر کيس ڏسي نہ سگهيو.





رستي ۾ هن کي ٻلو نگڙو مِليو.

”ڇا تون مُنهن جي ماءُ آهين؟“ هِن ٻلو نگڙي کان پڇيو.

پر ٻليءَ جو ٻچڙو ڪُجهه ڪُڇڻ بجاءِ

اکيون ڦاڙي هن کي ڏسندو رهيو.






ٻلو نگڙو هن جي ماءُ نہ هُئي

هيءُ اڳتي وڌيو. واٽ ويندي هن کي ڪُڪِڙ ملي.

”منهنجي امڙ تون آهين؟“ هن ڪُڪِڙ کي پڇيو.

”نہ.“ ڪُڪِڙ ورندي ڏنس.



ٻلونگڙو هن جي ماءُ نہ هُئي.

ڪُڪِڙ هن جي ماءُ نہ نڪتي.

”مونکي امڙ ڳولڻي آهي.“ هن پاڻ سان واعدو ڪيو.

”پر ڪٿي ڳوليانس؟“

”هوءَ ڪٿي هوندي؟“

”ڪيڏانهن وئي هوندي؟“

”ڪٿي ٿي سگهي ٿي؟“




واٽ تي هن کي ڪُتي مِلي.

”تون منهنجي امڙ آهين؟ هن ڪتيءَ کان پُڇيو.

”نہ. مان تنهنجي ماءُ نہ آهيان، مان تہ ڪُتي آهيان“.


ڪتيءَ جواب ڏنو.



ٻلو نگڙو هن جي ماءُ نہ هُئي


ڪُڪِڙ هن جي ماءُ نہ نڪتي.

ڪتي هن جي ماءُ نہ ٿي.



هو ماءُ کي ڳولڻ لاءِ واٽ وٺيو ويندو رهيو.

رستي ۾ هن کي ڳئون نظر آئي.




”منهنجي امڙ تون آهين!؟“ هن ڳئون کان پُڇيو

”مان تنهنجي ماءُ ڪيئن ٿي سگهان ٿي!؟“


ڳئُون عجب ڪائيندي سوال ڪيو.

”مان تہ ڳئون آهيان.“



ٻلونگڙو ۽ ڪُڪِڙ هن جي ماءُ نہ هيُون.

ڪُتي ۽ ڳئون هن جي امڙ نہ نڪتيون.



ڇا هن کي ماءُ هُئي!؟


”ها! مون کي ماءُ هُئي“ ٻچڙو ٻُڏڪيو

’مون کي خبر آهي. مون کي ماءُ هُئي.‘

’مون کي رڳو ڳولڻي آهي.‘

’مان هر حال ۾ کيس ڳولي لهندس.‘

هن پڪو پهه ڪيو.



هاڻي هو آهستي وکون کڻڻ بجاءِ،


تيز ڊوڙون پري پئي سگهيو

هن رستي ۾ هڪ کٽارو ڪار ڏٺي.

’ڇا هيءَ ڪباڙو مُنهنجي ماءُ آهي؟‘

’نہ، ائين ڪيئن هوندو!؟

هو بيٺو ئي ڪونہ، ڊُک پري اڳتي نڪري ويو.




هيءُ هر طرف واجهائڻ لڳو.

”هوءَ پٽي ويئي!“ هن چيو.

ٻيڙيءَ کي ڏاڍا سڏ ڪيائين.

پر ٻيڙي ڪانہ بيٺي!





هن متي نهاريو.


هن جي نظر جهاز تي پئي.


”امان! او امان، مان هتي بيٺو آهيان“.

هِن ڏاڍيون رڙيون ڪيون.

جهاز نہ لٿو.

جهاز اُڏامي ويو.






اوچتو هن هڪ وڏي مشين ڏٺي.


’هيءَ ضرور مُنهنجي ماءُ هوندي!‘

’اِها تہ آهي‘

’اِها ئي تہ امان آهي!‘



هو مشين تي چڙهي ويو.
"امان! او امان، مان اچي ويو آهيان"
هن ڏاڍيون رڙيون ڪيون.



پر مشين رُڳو گُرڙاٽ ڪندي رهي.


”نہ، نہ. تون مُنهنجي ماءُ نہ آهين،“ هن دانهون ڪيون.

’تون تہ گوڙ ڪندڙ آهين.‘

’مون کي هيٺ لهڻو آهي.‘

پر هو لهي نہ پئي سگهيو.

گوڙ وڌندو ويو ۽ هو آسمان ڏانهن کڄندو ويو.



”هيءَ مون کي ڪيڏانهن ڪنيو پئي وڃي؟“


’اڙي، هي ڇا پيو ٿئي!‘

’آهي ڪو هن کي روڪڻ وارو؟‘


’هيءَ وڃي ڪيڏانهن پئي؟‘

’مان تہ هيٺ لهڻ ٿو چاهيان.‘

’مون کي لاهيو.‘




اوچتو گرڙاٽ جهٽڪا ٿيا.



”مان آهيان ڪٿي؟“ هيءُ رَڙيون ڪرڻ لڳو.

”مان گهر ويندس!“

’مون کي امان کپي!‘




نيٺ، گرڙاٽ بند ٿيا.

۽ مشين، ٻچڙي کي ڪٽي آکيري ۾ لاٿو.

هاڻي هو پنهنجي گهر ۾ هو.



هوڏانهن ماڻس بہ چوڳو ڪٽي اچي پهتي.
”مان ڪير آهيان؟“ ماءُ ٻچڙي کان پُڇيو.



"هائو مون کي خبر آهي" ٻچڙي وراڻيو.

"تون ٻلو نگڙو نہ آهين."

"تون ڪُڪِڙ نہ آهين."

"تون ڪُتي نہ آهين."

"تون ڳئون نہ آهين."

"تون ڪار نہ آهين."


"تون ٻيڙي نہ آهين."

"تون جهاز نہ آهين."

تون مشين نہ آهين."

"تون پکي آهين."

"تون منهنجي امڙ آهين."



**Phoenix Books**
C-73, GMB Colony, Qasimabad,
Hyderabad, Sindh, Pakistan.
Ph.00-92-22-2655021,
E-mail:trdsindh@yahoo.com